

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتائي فقير جا ڀوڳ چرچا

مرتب

محمد صالح ڪهڙو

شاهه لطيف ڪتاب گهر
گاڏي کاتو، حيدر چوڪ
حيدرآباد
2007ع

قيمت: -/20 رپيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو: وتائي فقير جا پوڳ چرچا

مرتب: محمد صالح کهڙو

ڇاپو پهريون: ©.شاهه لطيف ڪتاب گهر 2007ع

ڪمپوزنگ: انور حسين سومرو

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد.

اسٽاڪسٽ

ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ سجاول
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو
نيشنل بوڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
نوراني بوڪ ڊيپو، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو
جنيد بوڪ ڊيپو، دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو، بدين
رحيم ڪتاب گهر، بدين
عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز فيريئر روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز، سکر
گل ڪتاب گهر، لکي در، شڪارپور
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو، خيرپور
قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ، ڪنڊيارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درويش وتايو فقير

وتايو صدين کان سنڌ کي وندرائيندو ۽ کلائيندو پئي رهيو آهي ۽ وتايو "وقت" جي ڪسوٽيءَ تي پوري طرح پرکجي چڪو آهي ۽ سندس چهرا چٽڪلا ۽ ٽوٽڪا، سنڌي علم ۽ ادب ۾ عام سنڌي زبان جو "اٽوٽ انگ" ثابت ٿي چڪا آهن، تنهن حالت ۾ اسان کي جڳائي ته سندس ٻولن تي ڪلي "ڪُن لاٿار" ڪرڻ بجاءِ، غور ۽ فڪر ڪريون ۽ ڳنڀيرتا سان سندس جاڙو وٺون. جيڪڏهن اسين وتائي جون ورسيون ملهائي نٿا سگهون، سندس نينهن نياپي کي سهيڙي شايع ڪرڻ کان لاچار آهيون ته گهٽ ۾ گهٽ سندس معنيٰ خيز 'مقصد حيات' کي سمجهڻ ۽ هيئين سان هنڊائڻ لاءِ ڪو اُدم ته ڪريون؟ ڏسڻو هي آهي ته، آخر وتايو هيو ڪهڙي بلا؟ ڪو واٽڙو ساٽڙو موڳو مٺر هيو يا ڪو لٽر هيو جو سدا وقلندو ٿي رهيو. ٿي سگهي ٿو ته ڪو لڏ ۾ لڪل اڏيرو لعل هجي يا واقعي ئي ڪو خواجه خضر هيو جنهن وتائي جو ويس ڌاري، اسان عقل جي انڌن جي روحاني رهنمائي ٿي ڪئي؟

وتايو ڪير هيو، ڪنهنجو ڄايو هو؟ ڪٿي نپنو ڪٿي دفن ٿيو ۽ ڪڏهن؟ اهي غير ضروري سوال آهن. اهي پتا پار اهو پڇي جنهن جو وتائي جي وڏن تي قرض رهيل هجي يا جنهن کي سندس گهر الاٽ ڪرائڻو هجي. هو الله جو بندو ۽ آدم جي رواجي اولاد مان هڪ هيو. سنڌ ۾ ڄائو نپنو ۽ سنڌ ۾ مئو ۽ اها ئي وتائي جي رام ڪهاڻي آهي ۽ اها ئي آهي هر عام سنڌيءَ جي سوانح حيات. البت وڏيرن جي ڳالهه ٻي آهي ۽ سندن بڻ بنياد به اور آهي. مون ته جڏهن به وڏي واڪي "الله" کي ياد ڪيو آهي ته ڪونه ڪو وڏيرو

ضرور ڪنائيندو آهي تہ ڪيس تہ سڏيو نہ ٿو وڃي.

خير! وتائي بنسبت جو ڪجھہ هيل تائين ٻڌندا اچون سو هن طور آهي تہ نضرپور جي لڳ هڪ ڳوٺ جو واهٽائي واٽيو هو. ننڍپڻ لاڪر پنهنجي سوچ سمجھہ سادي سودي هيس. اڪثر پنهنجي سڄاڻ ۽ پنهنجي مالڪ جي ڄاڻ ۾ مهو رهندو هيو پنهنجو دل من تنوليندي ۽ دليل ڏوڙائيندي ڪنهن موڙ تي هندو ڌرم ڇڏي دين ڏانهن لاڙو رکياائين. پهريون پاڻ پوءِ سندس سچو گهراڻو شيخ ٿيو. ٻڌڻ ۾ ائين بہ ٿو اچي تہ جيئن ڪنهن ٻانيڻ جي ٻيڪڙ ۾ نہ آيو تيئن ملانِ جي وڪڙ ڪان بہ گوهي ڪري نڪري ويو. وتايو سنڌ جو واحد ماڻهو هيو جنهن پنهنجي ۽ پنهنجي خالق وچ ۾ ڪنهن ٽئين ٽياڪڙ کي تنگ اڙائڻ مور نہ ڏني. عجب اهو جو اهڙي بغاوت باوجود سندس چپيٽ ڪان بچي ويو ورنہ سوليءَ چڙهڻ يا سنگسار ٿيڻ ۾ ڪا ڪسر ڇڏي نہ هئائين.

ڪن جو هي بہ چوڻ آهي تہ، وتايو پنهنجي وقت جو سياڻو ماڻهو هيو بلڪ ڪي تہ ائين بہ چون ٿا تہ، سنڌ سياڻي ۾ سياڻو ماڻهو هڪ اُپايو اهو هيو وتايو. ڏاها ڏيهہ ۾ گهٽا پر سياڻو لکن ۾ هڪڙو. ڏاهي جي ڏاهپ جو مدار آهي ڏاهہ تي يعني ٻڌ سڌ يا خبر چار تي، جنهن سبب ڏاهو اڪثر بہ تنگو ڦاسندو ڏٺو ويندو آهي. پر سياڻو ماڻهو اِن کي چون جنهن کي اندر جو سوجهرو هجي ۽ سڄاڻ هجي. ان ڏس ۾ وتايو ڄمندي ڄام هيو. ڪن ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ پنهنجن کي چڱيءَ ريت پرکيو هئائين ۽ ڪيس پوري ڄاڻ هئي تہ ڄڻن سان ڪيئن گذارو ڪي. ڏنائين تہ عجيب قوم سان واسطو پيو هيس. هو سائي کي سهن ڪوند ۽ بکئي کي

ڏين ڪونہ. وقت تي گڏهہ کي بابو چون ۽ جتي پڇڻ ناهي جاءِ, اُتي "ياجوڪڙ" وريام سڏجن!

جيئرن سان جنيون ڪن ۽ مئن لاءِ مجاور تي ويهن. ڪائن پنهنجي گهران, پچار سدائين پرائي ڪن. اهڙي آچار "لتر سان چڪر" سوچي سمجهي, سر بچاءَ ۾, چريو تي عمر گذاريائين. ائين بہ هرويرو صحيح نہ هو جيئن چيو تي ويو تہ, ڪا ڪل ٽڙي هيس يا متيون ڏيندي لوڪ کي, چريو پاڻ ٿيو هيو. بلڪل نہ! اهڙو اياڻو وتايو هرگز نہ هيو. البت چريائيءَ جي اوٽ ۾ ٻين کي متيون ڏيندو رهيو جيئن لوڪ لکا نہ پوي. ڪيس پوري پروڙ هئس تہ ڇتن جي سمجهہ الٽي ۽ اونڌي هئي, ان ڪارڻ ساڻن سنئين سڌي ڳالهہ ڪرڻ بہ پنهنجي ڪل لهرائڻي هئي, ان ڪري اڪثر ڳجهارتن ۾ ڳالهائيندو هو. صديون گذرڻ بعد اڄ تہ پتو پوي تہ مارا ڇا چئي ويو! ڇاڇي بہ ڇيائين ۽ ڇهنڊڙي بہ پائي ويو. غضب جو سياڻو هو.

اها ڪل ڪانہ تي پوي تہ وتائي جي زندگيءَ ۾ جو انقلاب آيو اهو سندس عمر جي ڪهڙي موڙ تي ۽ ڪهڙي ڪارڻ؟ هي تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ڪو ماڻهو پنهنجو گهر گهاٽ ۽ ڪاروبار ڇڏي جهنگ منهن ڪري وڃي ويراني وسائي؟ پوءِ نہ هوندو بانس نہ وڄندي بانسري. پر هن دنيا ۾ رهندي هڪ جوڳي ۽ ويراڳيءَ جي زندگي بسر ڪرڻ ۽ لاطمع ٿي رهڻ, هڪ اهڙي انسان لاءِ ڪٿن ڪم آهي, جنهن کي اکيون بہ هجن ۽ سندس هوش حواس بہ سلامت هجن. آخر انسان گوشت پوست جو لوٿڙو آهي ۽ ڪو لوهہ جو نهيل پتلو تہ ناهي, خاص طور جڏهن انسان سانِ وري شيطان سلامت بہ سدائين بيلهہ چڙهيو ڪيس هرڪائيندو رهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان سواءِ واٽيو تي ڪري، مايا جي موهه کان ٽارو ڪرڻ ۽ ڌن دولت جي دام ۾ نه ڦاسڻ، پنهنجي سر هڪ ڪمال ڪاميابي آهي. پاڻ وٽ ڪجهه به نه هئڻ هڪ مجبوري به ٿي سگهي ٿي، پر ڪجهه حاصل ڪرڻ جي موڙهو خواهش ٿي نه رکڻ فقيريءَ جي معراج آهي. اسان مان هر هڪ کي هي ڄاڻ آهي ته، دنيا جي جملي جهڳڙن جي جڙ آهي ٿي "زر، زن ۽ زمين" پر تنهن هوندي به اسان جي پوري عمر انهن ٽنهي لڪشمي ديوين جو پيڇو ڪندي ٿي گذري. اک ڇنجن يا نه، اشارو ڏين يا نه، اسين هر وقت وتون ٿا انهن اپڇرائن جي پٺ وٺندا. ڪوئي ليکي نه ليکي اسين به آهيون يار جي ليکي لنبڍي ڪتي وانگي.

وتائي کي هيءَ خبر هئي ته، حضرت آدم جي بنياد تي خطا ۽ سندس اولاد يعني انسانن جي جسماني خواهش وچ ۾ ڳوڙهو رستو هيو يا ائين چئجي ته ساڳي ڳالهه هئي. ان ڪارڻ زر زمين کان ته اڳيئي فارغ هيو پر ڪنهن مومل ماڻڻ جي به پچر ڇڏي ڏنائين. هن دنيا جي طلسمي ڄار جا اهي سڀ رسا ۽ ٻوڙها ڇنڻ بعد، وتايو پنهنجي زندگيءَ جي مول مقصد ڏانهن پلٽيو جو هيو "انسانيت جي روحاني ترقي". ان مقصد جي ڦهلاءَ لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو "قول ۽ عمل" نموني طور عوام آڏو پيش ڪيائين. هن ڪڏهن به ولي، غوث يا قطب هئڻ جي هام نه هئين ۽ ڪڏهن پلجي به درويشيءَ جي دعويٰ نه ڪئي. هن پنهنجي لاءِ مشڪري جو پارٽ منتخب ڪيو. ڇهچٽا به ڏسندو رهيو ۽ تماشو به وجهندو رهيو. سندس ٻول ٻڌي ماڻهو ڪکين تي هٿ رکي کلندا رهيا. اڄ تائين اسان جو اهڙو ردعمل روان آهي.

سوال آهي تہ وتائي کي تعليم ۽ ترغيب ڪانہ هئي ۽ اٽپڙهيل اناڙي هيو ۽ وري سندس اٿڻي ويهڻي ۽ عام ماحول بہ دهقانين وارو هيو تہ پوءِ سياڻو ٿيو ڪيئن؟ دراصل سياڻپ ڪنهن کيڏ کيڏڻ، حرفت ۽ هنر هلائڻ يا ڪتاب پڙهڻ سان هٿ نہ ايندي آهي، پر مالڪ جي فضل ڪرم ۽ مهر سان عطا ڪئي ويندي آهي، فقط عقل ۽ علم جي زور تي ڪا راهہ ملي ها تہ پوءِ عزرائيل سڀ کان اڳرو ۽ اڳيرو هجي ها. مون تہ هر عقل جي اڪابر کي اوندهہ ۾ هٿوراڙيون ڏيندي ڏٺو آهي. هر انسان جا هٿ ڏاڏي آدم واري گناهہ ۾ رڱيل آهن، جو سندس ورثو آهي. ان ڪري جيستائين سچو سائين ساڃاهہ نہ ٿو ڏئي تہ پوءِ اکين هوندي انڌو. انسان اهڙي ساڃهہ لاءِ ٻاڏائي ضرور سگهي ٿو ۽ ڏيڻ وس سائين جي، ڏئي نہ ڏئي.

وتائي جي ڏرم ۾ دين گهٽن ماڻهن کي منجهائي وڌو هيو. هڪ دفعي سندس ياءُ مورومل وتائي کي وينتي ڪئي تہ، "يائي، تو تہ مسلمان ٿي پاڻ موکيو هاڻ مون کي بہ مسلمان ڪراءِ تہ سرڳ ۾ ٻئي گڏ تہ هجون." وتائي رڙ ڪري چيس: "يائي، اهڙي غلطي نہ ڪج. مور نہ مسلمان ٿج، ورنہ سڄي ڄمار هٿ هٽنديِن. ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيڻ تہ آهي سولو ڪم. پر پوءِ ڄي روزن، نمازن، زڪواتن ۽ تهجدن جا سلسلا شروع ٿين ٿا، تن جي پيروي ڪندي نہ فقط ڄڙهہ نڪري ويندءِ، پر ڏيوالو ٿي ويندين. ڪڏهن پلجي بہ اهڙو جوکم جو ڪم نہ ڪجِ. ها البت. مرڻ مهل مون کي ڪن ۾ ڪلمون پڙهي ٻڌائج تہ آءٌ آخرت ۾ شاهدي ڏيندس تہ ياءُ موروم مرڻ مهل مسلمان ٿي مئو هو. بهشت بہ حاصل ٿيندءِ ۽ خفي کان بہ بچي ويندين. ڪم جو ڪم مزي جو مزو." آخرين گهڙيءَ ۾ ڪلمون پڙهڻ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي راز ڪان اهي الله جا بندا بخوبي آگاهہ آهن، جن کي هيءَ جاڻ آهي تہ زندگيءَ جي هن پڙ، سندس ٻئي ڪناري ڪھڙو وٽج وڪر ٿو هلي ۽ ڪيئن ٿو وهي واپري. هونئن بہ سموري زندگيءَ جي عبادت بہ ان لاءِ ڪئي ويندي آهي تہ جيئن آخري گهڙيءَ جي آزمائش مان پار اُڪرجي. پڇاڙيءَ جي پهر ۾ سرخرو. ٿيڻ لاءِ ماڻهو پنهنجي سڄي ڄمار وظيفي ۽ قلبي ذڪر ۾ صرف ڪندا آهن تہ جيئن آخري هڏڪيءَ مهل ڪلمون روان هجي، ورنہ عمر جي ڪمائي هڪ لحظي ۾ رائگان. ٻيو سبب هي ڏنائين تہ، ”مسلمان“ ٿي رهڻ انتهائي اوکو ۽ ڏکيو ڪم آهي ۽ وڏي همت ۽ حوصلو گهرجي. باقي نالي ۾ نهال ٿي رهڻو آهي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي.

اسان جي منڪر نڪيرن، قبر جي سوڙهہ، قيامت جي گرمي، آخرت جي عذاب ۽ دوزخ جي دڙڪن ڏيڻ سان اسان جو پگهر ۽ خون تہ خشڪ ڪرڻ ۾ پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي، پر هي ڪڏهن بہ سمجهائڻ جي تڪليف گوارا نہ ٿا ڪن تہ، آخر هڪ غريب ۽ مسڪين انسان، جنهن ”نوريئڙي ڄڻي مهماني آهي فقط بہ ٻير“، تنهن کي عذاب ڏيڻ جا ايڏا تڪسات ڇا لاءِ گهڙيا آهن؟ وري دوزخ ۽ منجهس سزائن ۽ ڦاسي گهاٽن جو وچور اهڙي ٿو ٻڌايو وڃي جڻ آسمان جي ٻوانوي ڏهائي پوٽا ڏهہ حصن تائين جهنم ڦهليل آهي ۽ باقي ادائي سئو ڪن وال پلاٽ تي جنت جو ڪوارٽر اڏيل آهي، جو ظاهر آهي، نيڪيدارن لاءِ رزرورڊ ٿيل آهي. جي وتايو وقت سر نہ اچي ها ۽ اسان کي آٿت نہ ڏئي ها تہ، هوند اسان سيني جا هنياؤ هئبت ۾ ڦاٽي پون ها.

وتائي جو واسطو ان اڻوجهہ ۽ مسڪين عوام سان هيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کي پنهنجي سوچ ۽ سمجهه آهر هڪ سادي سادي ۽ سليس نسخي جي لوڙ هئي. قبر ۽ قيامت جي عذات ۽ دوزخ جي دڙڪن کان ڊنا ضرور تي، ليڪن هي سمجهي نه ٿي سگهيا ته، سندن قصور ڪهڙو هو؟ هو ڪو نمرود، شداد ۽ فرعون ٿورو ئي هئا. هو ته اڳي ئي غريب، مسڪين ۽ اڪن تي پارو هئا، جن اوڳارائي ڏني به ڪين سال گذري چڪا هئا. هنن هڏ هٽندي رات ڏينهن تتيءَ ٿڏيءَ هلندي نانگ وڇون تي لتاڙيا.

بهرحال هن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته وتايو انهن عظيم انسانن مان هڪ آهي، جن کي قدرت ڪنهن خاص مقصد جي پوئوارڻ لاءِ خلقيندي آهي. سوال آهي ته وتايو ڇا ۽ ڪهڙي بلا هو؟ ان سوال جو جواب ته سوين هزارين آهن. جواب به وري جيئرا جاڳندا آهن.

وڏي ڳالهه ته هو نه پير مرشد هو ۽ نه هادي مهدي ۽ مسيح هو نه وري ڪو غوث قطب ۽ قلندر هيو. هو هڪ غريب مسڪين الله جو بندو هو، جنهن کي نه هو ڪو هو ذات پات يا حسب نسب جو ورثو ۽ نه مال املاڪ يا ڌن دولت جي پونجي. سچي سڪٽي هوندي به سدائين ڪلندو رهندو هو. ڪلٽو به اهڙو جهن تي مالڪ به جي ڪليو نه هوندو ته مرڪيو يا مشڪيو ضرور هوندو. خاص طور جڏهن وتائي انڌي کي گهرائي تصديق تي ڪرائي ته مري ويل جانور ڳٺون هئي يا ڳڏهه.

وتايو دنيا جي اهڙن فيلسوف ۽ مفڪر انسانن ۾ هڪ هيو جن پنهنجي سموري عمر قدرت جي اسرار پروڙڻ ۽ سندس ڳجهارتن جي تحقيق ۾ سيڙائي جيئن انسانيت جي اڳتي هلي ذهني سڌار ۽ سنوار تي سگهي.

علي احمد بروهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتب پاران

درويش وتائي فقير کي عام طور ”وتايو“ چيو ويندو آهي، تنهن بابت مشهور آهي تہ هو اصل ۾ ”هندو کتي“ هو ۽ حيدرآباد ويجهو تاجپور شهر ۾ ڄائو. جتان ڪجھہ وقت کان پوءِ سندس مڱڻو پنهنجي برادريءَ وارن عمرڪوٽ مان ڪرايو.

شاديءَ کان پوءِ فقير، ماءُ پيءُ ۽ زال سميت نصرپور ۾ رهڻ لڳو. جتي ڪجھہ وقت کان پوءِ سندس پيءُ وفات ڪري ويو.

وتايو فقير، حقيقت ۾ مسلمان هو پر ڪن ظاهري سبب ڪري خاموش هو ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هو پنهنجي ماءُ ۽ زال سميت مسلمان ٿيو ۽ سندس نالو ”شيخ طاهر“ رکيو ويو، پر جيئن تہ سندس نالو ”وتايو“ مشهور هو، ان ڪري مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيس ماڻهو انهيءَ نالي سان ئي سڏيندا هئا، جيڪو اڄ تائين مشهور آهي. سندس مقبرو ٽنڊو الهيار کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

هيءُ بزرگ گفتن جي ذريعي ماڻهن کي سياڻپ ۽ نصيحت وارا اهڙا نڪتا ٻڌائي ويندو هو جو ٻڌندڙن کي حيرت وٺي ويندي هئي. سندس ڪيترين ئي ڳالهين مشهور آهن، جن مان ڪجھہ هن ڪتابڙيءَ ۾ پيش ڪجن ٿيون.

محمد صالح کهڙو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتائي فقير جا
ٻوڳ چرچا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واعدو پاڙ

هڪ پيري وتائي ڳوٺ جي ڏڪڻ وٽ وڃي سوال ڪيو ته، امڙ جي ڪتولي ٻچي پيئي آهي، جيڪر هلي ٿاهي ڏين ته مهرباني ٿيندي. واڍي روڪڙو جواب ڏنو ”فقير اڄ واندو نه آهيان، واندو ٿيان ته هلي ٿاهي ڏيندس.“ هو هر دفعي اهڙي ڪن ٽار ڪري وتائي کان لنوائيندو رهيو.

هڪ ڏينهن وتائي ڏٺو ته ڳوٺ وارا ڪو جنازو کنيو ٿي ويا. پڇڻ تي پتو پيس ته، ساڳيو ڏڪڻ گذاري ويو آهي، جيڪو سَدائين مشغول رهندو هو. وتائي ڊوڙي جنازي جو اڳ وٺي ڪاڌين کي هڪل ڪئي، ٿورو ترسجو. جنازي وارا بيهي رهيا. چياڻين، واڍي کان ورندي وٺڻي اٿمَ. وري ملي الاءِ نه. سو جنازي جي پير ۾ بيهي چياڻين: ”ادا واڍا، اڄ ته پڪ واندو هوندوين. نوبڪلو ڪٺ تي آرامي آهين. هاڻ ته ڪتولي وارو پنهنجو واعدو پاڙ.“

گڏهه جي تصوير

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن تلاءَ ۾ وهنجي رهيو هو. هن جا ڪپڙا تلاءَ جي ڪپ تي رکيل هئا. هڪڙي حرڪتيءَ چا ڪيو جو هن جي قميص تي ڪوئلي سان گڏهه جي تصوير ٺاهي ڇڏيائين. فقير جڏهن وهنجي ٻاهر نڪتو ۽ ڪپڙا پئي پاتائين ته هن کي سندس ڪپڙن تي گڏهه جي تصوير نظر آئي. وتائي فقير (اوسي پاسي ڏسي) وڏي واڪي چيو: ”ڪهڙي گڏهه منهنجي قميص سان منهن اگهيو آهي.“ اهو ٻڌي پير ۾ بيٺل ماڻهو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

ويٺي وارڪُسي ويندؤ

وتائي جي ڳوٺ ۾ ڪنهن جوڙي کي شادي ڪئي عرصو لنگهي ويو ڪين اولاد ڪونہ ٿي ٿيو. سو هفتو ڪن مشهور بزرگ جي مزار تي وڃي ترسيا، جنهن لاءِ مشهور هو تہ هو ”ڦنڌين کي ڦر تو ڏئي.“ سو زال مڙس هفتو راتن جو ان بزرگ جي مزار تي اوجاڳو ڪندي، پٽ لاءِ دعائون پنندا رهيا ۽ روايت موجب ڪنهن نشاني ملڻ جي انتظار ۾ هئا، جو مشهور هو تہ اولاد ٿيڻ لاءِ پير در تي آيل سوالين ڏانهن ڪا نہ ڪا نشاني موڪلي ٿو. نہ ڄاڻ تہ اها نشاني پير ڪان وڏيڪ درگاهہ کي گذر جو وسيلو بنائيندڙ خليفن جي ڪارستاني هئي. سو نيٺ آخري رات، زال مڙسن کي جڏهن ننڊ جا ڪيپ چڙهيا تہ ڪو خليفو سندن ويهاٽي هيٺان، ڪنهن ٻار جي لٽل جهنڊ جا وار رکي ويو. صبح ٿيندي ئي جڏهن مائي سڳوريءَ ويهاٽي هيٺان وار نشانيءَ طور ڏٺا تہ وٺي نچي ڪڏي ۽ پوءِ ٻئي زال مڙس نچندي ڪڏندي ڳوٺ ڏانهن واپس آيا. اتفاق سان واٽ تي زال مڙس جي ملاقات وتائي فقير سان ٿي.

مرد ڪجهہ ڪڇي ان ڪان اڳ مائيءَ واٽ پري وتائي سان ڳالهہ ڪئي: ”فقر سائين! اسان کي مرشد وٽان پٽ ڄمڻ جي نشاني ملي آهي.“ وتائي پڇيس: ”مائي سڳوري! اهو وري ڪيئن؟“ مائيءَ ورائيو: ”فقير هي ڏس رات مرشد سائين وار نشانيءَ طور موڪليا آهن ۽ خليفي چيو تہ ’مرشد سائين جي ڏنل نشاني مان مراد آهي تہ اوهان کي پٽ ڄمندو ۽ ان جي جهنڊ هتي لاهجو.‘“ وتائي ورائيو: امڙ! خليفو ڀليو آهي، مرشد نشاني موڪلي ٻڌايو ٿوَ تہ ’مون وٽ ويني ويٺي وار ڪسي ويندوَ پر ورندوَ ڪجهہ بہ ڪونہ.‘“ وتائي جي ڳالهہ ٻڌي، مائيءَ ڪٽي ماٺ ڪئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽ ڪٽي نہ ڏيو

وتائي وٽ ماماڻن وٽان ڪي مهمان آيا. تہ ماءُ چيس: ”وتايا! ڪا پاڙي مان ڪٽ تہ وٺي اچ.“ فقير ماءُ جو چيو اکين تي رکي پاڙي مان ڪٽ وٺڻ ويو.

ڪنهن پاڙي واري جي در تي پهچي وڃي سڏ ڪيائين: ”او او فلاڻا! باهر تہ نڪرجانءِ.“ همراهہ پاڻ تہ ڪونہ نڪتو سندس پٽ اچي پهتو. فقير چيس: ”ابا! مهمان آيا آهن، سو ڪٽ تي ڪپي.“

همراهہ وراڻيو: ”فقيرا! ڪٽ جي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي، پر اسان وٽ رڳو ٻہ ڪٽون آهن. هڪ تي مان ۽ بابو ٽا سمهون تہ ٻيءَ تي امڙ ۽ منهنجي گهرواري ٽيون سمهن.

فقير چيس: ”ابا! ڪٽ ڪٽي نہ ڏيو، پر سمهو تہ سُرَ سان.“ هڪ تي تون ۽ تنهنجي جوءِ سمهي، ٻيءَ تي پٽهين ۽ تنهنجي ماءُ سمهي. وڏيڪ توهان جي مرضي.“

اوهان کي بہ خبر پوي

ڳالهہ ٽا ڪن تہ وتايو فقير هڪ ڏينهن پنهنجو گڏهہ ڪاهي پڙيءَ تي ويو. پڙيءَ تي پهتل خريدارن مان جڏهن ڪو گڏهہ کي ڏسڻ لاءِ اڳيان تي آيو تہ، گڏهہ کيس چڪ تي هنيو ۽ جڏهن خريدار پويان ڦري سندس جائزو تي ورتو تہ، گڏهہ ان کي لت وهائي تي ڪڍيَ. ائين واري واري ٻن ٽن واپارين سان گڏهہ اهڙي ڪار ڪئي. نيٺ ڪاوڙ مان هڪ خريدار وتائي کي چيو: فقير ههڙو ڪٽر گڏهہ آخر توکان وٺندو ڪير؟

فقير وراڻيو: ادا، آءُ بہ گڏهہ وڪري لاءِ ڪونہ ڪاهي آيو آهيان. آندو رڳو ان لاءِ اٿم تہ ٻين کي بہ خبر پوي تہ مون سان ڪهڙي ويڌن آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعا جو در ئي ساڙي ڇڏيئي

ڳالهہ ڪندا آهن تہ وتايو فقير ڪنهن پراهين پنڌ تان موٽندي تڪڙو تڪڙو ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ پهتو تہ ڪا مائي سڳوري پنهنجي گهر جي ڳليءَ تي مليس، تنهن جي ڪيڪارڻ تي فقير وراڻيس: مائي ڇڏ ڪيڪار ڪي، مسافريءَ کان موٽيو آهيان، سو بک بہ ڏاڍي لڳي اٿم. بڏاءِ ڪو اٽئي تڪر ڳيو.

مائيءَ وراڻيو: فقير تازو پٽ رڌو اٿم. اڄ توکي ڪوسو ڪوسو پٽ تي ڪارايان ۽ فقير دل ئي دل ۾ سوچيو: واهہ يلا ياڳ منهنجا! ۽ مائيءَ کي چيائين، ادي جلدي آٽي ڏيمر. اصل بک کان ساهہ پيو وڃي!

مائي تڙ تڪڙ ۾ گرم پٽ جي ٿالهي پري اچي وتائي اڳيان رکي ۽ چوڻ لڳس: ادا ڪوسو ڪوسو پٽ ڏاڍو مزيدار ٿيندو اٿئي. بس وجهہ وات ۾، وچ ڳيتون ڏيندو. اصل دير نہ ڪر. فقير بہ اڳ ئي بک جو تپايل ويٺر جو مائيءَ تڪڙ لاءِ چيس سو ويو ڪوسو پٽ ڳهندو.

نيٺ پٽ ڪائي ڪيائين دنگ. جڏهن هلڻ هارو ٿيو تہ مائيءَ چيس: فقير ويندي ويندي ڪا دعا تہ ڏيندو وڃيم.

فقير وراڻيو: مائي دعا جو در ئي ساڙي ڇڏيئي. هاڻ تو لاءِ ڪهڙي دعا نڪرندي.

سچاڻون سڀ ڪنهن کي ٿا

هڪ ڀيري وتايو فقير گهمندي گهمندي عمرڪوٽ اچي نڪتو اتان جون عورتون تڙ تي پاڻي پري رهيون هيون،

جيڪي ڪيس سجاڳيندڙيون هيون. انهيءَ وقت انهن عورتن ۾ سندن مڱڻيندي بہ موجود هئي. ان تي عورتن سندس مڱڻيندي کي چيو: آئي تون وتائي کي ڪيڪار ڏسون تہ ڇا ٿو چوي؟

جڏهن سندس منگ ڪيس ڪيڪاريو تہ، وتائي هڪدم وراڻيو: ”چريا ڪريا آهيون، پر سجاڳون سڀ ڪنهن کي ڪيو ٿا.“

تنهنجي نالي تي

وتائي فقير هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي ڪنهن فروٽ وڪڻندڙ وٽ گدرا رکيل ڏٺا.

ڪنهن فقير گدرن واري اڳيان صدا هڻي چيو: ”خدا جي نالي تي ڏي.“

هن هڪ ڦتل گدرو ڪڍي ڏنس.

وتائي جو بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو سو ڪيسي مان ٽڪو ڪڍي گدرن واري کي ڏنائين ۽ چيائينس: ”هن جو تہ گدرو ڏيم.“

دڪاندار چونڊي هڪ سٺو گدرو وتائي کي ڏنو. اهو وٺي آسمان ڏي نهاري چيائين: ”تنهنجي نالي تي جيڪي مليو ٿي سو بہ ڏٺئي ۽ جيڪو ٽڪي ۾ ورتو اٿم سو بہ ڏس! بس يارا! ماڻهن وٽ تنهنجو ملهہ ٽڪو بہ ڪونهي!“

عشق

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي هڪ دوست سان اوپاريون لهواريون ڪري رهيو هو تہ، ڳالهين ڪندي اچي عشق جي ڳالهہ نڪتي.

فقير پڇيس: ”عشق“ ڇا آهي؟

دوست چيس: ”فقير، عشق دل جي وندر ۽ روح جي راحت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ڪي اندر ۾ عشق ناهي، سو انسان ئي ڪونهي.“

ان تي فقير چيو: ”ڀلا اهو عشق ڪنهن سان ڪبو آهي ۽ ڪيئن ڪبو آهي؟“

دوست چيس: فقير مرد جو عشق هميشه عورت سان ٿيندو آهي ۽ ان ڪي عشق جي اري ۾ اڙائڻ جا ڪيترائي طريقا ٿيندا آهن. ان ڪي پهرئين سنهون پٽر پور ڪٽي هٽبو هوءَ ڪجهه نخرو ڪندي ۽ اک ٽيٽ ڪري مرڪندي. ائين عشق جو گاڏو اڳتي وڌندو آهي.“

اهي خبرون چارون ڪري، ٻئي موڪلائي روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن فقير ڳس وٺيو پئي ويو ته ڏٺائين ته: هڪ خوبصورت عورت پئي وڃي، فقير جي دل ڪي ڏاڍي وٽي وئي سو فقير ٻا ڪيو. جو هڪ وڏو پٽر ڪٽي نڪاءَ ڪراياائينس ڪياڙيءَ ۾، عورت ويچاري ڪري پئي ۽ بيهوش ٿي ويئي.

فقير ويجهو ويس ته ڏسان، ڪه مرڪ منهن تي آئيس، پر ٻا ڏسي ته مار مائي ته ڏند شيڪيون پئي آهي، سو ان ڏانهن نهاري چياڻينس: ”مون توکي پٽر هنيو هو ته مون سان عشق ڪريا ائين ٻتيهي ڪٽي ٻاهر ڪيا!“

نيٺ ته هتي ايندا

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري ٿي وئي، سو ڳوٺاڻا چورن جا پير ڪٽي نڪتا، پر وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن پڇيس: ”فقير، هتي ڇا ويٺو ڪرين؟“

چيائين: ”چورن جو اڳ ٿو جهليان، نيٺ ته هتي ئي ايندا!“

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوڻي عام آهي ته: ”وتائي وارو اڳ جهليو اٿيئي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونارو ۽ وتايو

هڪ ڏينهن هڪ سونارو ۽ وتايو فقير، ڪنهن مسافريءَ تي گڏجي نڪتا. پنڌ ڪندي ڪندي ڪين سج لهي ويو. رات جو فقير ته گس تي ئي ليٽي پيو. پر سوناري وٽ هڪ سؤ روپيا هئا، سو پاسو وٺي وڃي سمهي رهيو.

ٿوري رات گذري ته ڪن چورن اچي وتائي کي جاڳايو ۽ چيائونس: "جيڪي ڪجهه اٿئي، سو ڪڍي ٻاهر ڪر."

فقير، اکيون مهٽيندي چيو: "ٻيلي آءٌ اهڙي خساري وارو ڪم ڪريان ئي ڪونه."

ٻئي چيو ته: "يار! چوا ڇي هن سچي کي ورتو اٿوَ؟"

ان تي وتائي فقير چيو: "آءٌ ڪٽي سچو آهيان ته خير، پر پريان هو سونارو ته سچو ڪونهي، سؤ روپيا روڪڙا کيسي ۾ پيا اٿس!"

اهو ٻڌي چور سوناري کي ڦري آيا ۽ ڪانئس سؤ روپيا کسي ورتائون.

جڏهن چور هليا ويا ته، سوناري، وتائي کي چيو: "واهه يار واهه، تنهنجي چڱ مڙسي! هٿ وٺي مون کي چورن هٿان ڦرايئي."

وتائي چيو: "سوناري جو سؤ ويو ته خير آهي، چورن اڳيان پاڻ کي سچو ثابت ٿورئي ڪبو."

سهپ

هڪ ڀيري وتايو فقير پنهنجو گس وٺيو پئي ويو ته، اوچتو پيرُ ۾ ڪنڊو لڳس، سو وٺي دانهون ڪيائين. سندس دانهن تي ماڻهو اچي مڙيا ۽ ڪانئس پڇيائون: "ڪر خبر فقيرا! ڇا ٿيو؟"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”الله سائين جا به قهر آهن. آءٌ ڪو ايوب عليه السلام جهڙو صابر ڪونه آهيان، جو هيءَ هري هري مون کي سهسائي ٿو. هينئر ڪنڊو هنيو اٿس جي نه ڪڇيس ته سياٽي ڀالو هٽندو! ٻيلي ڀاڻ ۾ ايتري سهپ ڪونهي، ان ڪري وني رڙيون ڪيم ته من اڳتي نارو ڪري.“

اهو ٻڌي، ماڻهو کلي هليا ويا.

مئي سهايوَ پر ڏني نه سهايوَ

هڪ ڀيري جي ڳالهه آهي ته، وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو واٽ تي ڏٺائين ته ڪي ماڻهو لاش کنيو پيا اچن، ويجهو وڃي ڪانڌن پڇيائين: ”ڇا کنيو اٿوَ؟“

ماڻهن جواب ڏنس: ”انڌو آهين ڇا؟ ڏسين نٿو ته لاش کنيو پيا وڃون!“

وتائي چيو: ”اهو ته آءٌ به پيو ڏسان، پر اهو ته ٻڌايو مرد آهي يا عورت!“

هنن چيو: ”عورت!“

وري پڇيائين: ”ڪنواري آهي يا پرڻيل؟“

هنن ٻڌايس ته: ”ڪنواري!“

ان تي هڪدم چيائين: مار پيئوَ مئي سهايوَ پر ڏني نه سهايوَ.

وڏو در

هڪ ڏينهن وتايو فقير مسجد جي پر مان لنگهيو ته ڇا ڏسي ته، هڪ مائيءَ مسيت جي در اڳيان دعا گهري رهي هئي ته: ”وڏا در الله جا! پناهه پاند ڏجانءِ.“

اهو ٻڌي، وتائي ورائيس: ”مائي سڳوري، وڏا در ته اوهان جا آهن، جن پيغمبر ۽ پير پيدا ڪيا ۽ جن اچي مسجدون جوڙايون.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعا

ڪنهن مائيءَ وتائي فقير کي چيو: ”فقيرا دعا ڪر ته، منهنجو ڇوڪرو روئي نه!“

فقير جواب ڏنس: ”مائي! جيڪي هوندا، سي روئيندا ۽ جيڪي نه هوندا، سي نه روئيندا.“

دعوت

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن شاديءَ جي دعوت ۾ ويو. جڏهن ڄاڃين پيٽ ڪائي بس ڪيو ته، اٿندا ۽ پئو (منهن ڏيندا) پئي ويا ۽ هر ڪو پئو ڏئي پنهنجو نالو لکائيندو ٿي ويو. وتايو فقير به پوئي لکندڙ جي پير ۾ اچي ويٺو. ڪيس چيائين: ”لک، وتايو فقير ڏهه روپيا!“

ماڻهن چيس: ”فقير تو ته پئسا ڏنائي ڪونه!“

چيائين: ”هڪڙو ڏيان نه، ٻيو لکايان به نه ڇا.“

بيماريءَ دعا

هڪ سال وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ اچي وڏي بيماريءَ منهن ڪڍيو. ويچارا ماڻهو ٻوڙي فقير وٽ آيا ۽ چيائونس: ”فقيرا! خدا کان دعا گهر ته، خير ڪري ۽ هيءَ موڙي بيماري ٽاري!“

فقير جواب ڏنو ”ابا! ڇڏيوس ته به ٿي ڏينهن پيلي موجون مائي، ۽ ماڻهو ماري دنگ ڪري، پوءِ ڪو نالي وٺڻ وارو به ڪونه هوندس:“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏي تڪڙ

هڪ سال وتائي فقير کي خيال ٿيو ته، ٻني پوکجي، سو هڪ شخص سان ڀائيواري ڪيائين. هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻا گڏجي زمين تي ويا. انهيءَ شخص جهنگ وڍڻ شروع ڪيو ۽ وتائي کي چيائين: "فقيرا! تون وڃي ٽانڊو ڪٺي اچ، ته هيءَ جهنگ ساڙيون."

وتايو فقير اتان روانو ٿيو ڪافي انتظار بعد به وتايو ڪونه وريو سو سندس ڀائيوار ويچارو راهه نهاريندو رهيو ته اجهو ٿو فقير ٽانڊو ڪٺي اچي، پر سج لهڻ تائين وتائي جي ڪابه خبر نه پئي، نيٺ بيزار ٿي هو به گهر موٽيو ۽ ٻئي ڏينهن اڪيلو ٻنيءَ تي هليو ويو. اهڙي طرح هو پنهنجي سر ٻنيءَ تي ويندو رهيو. ٻني به پوکجي راس ٿي ۽ پچي به ويئي. اَنُ صاف ٿيو ۽ ٻنٽي شروع ٿي. وتائي فقير کي خبر پئي ته، اڄ فلاڻي هاريءَ جي ٻنٽي آهي، سو ٽانڊو ڪٺي ڊوڙندو آيو ۽ جيئن ئي ٻار کي ويجهو پهتو تڪڙو تڪڙو هلڻ شروع ڪيائين ته، پير ترڪي پيس ۽ وڃي ڪريو.

ماڻهن چيو: "مارا فقير ايڏي تڪڙ! ٽانڊو ٿي ڪيرائي ڇڏيئي."

ان تي وتائي اٿندي وراڻيو: "ادا! بس ماريو ته انهيءَ تڪڙ آهي نه!"

سيٺي کي ٻڌائي ڇڏجو

هڪ ڀيري وتائي فقير ڏڳو خريد ڪيو اهو ڪاهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو ته، واٽ تي هڪ شخص مليس، جنهن پڇيس ته: فقيرا! ڏڳو ڪيئن ورتئي؟"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب ڏنائين: ٻن روپين ۾.“

وري ٿورو اڳتي هليو ته، ٻيو شخص مليس، تنهن پڇيس ته: ”فقير ڏڳو گهٽي مليئه؟“

ان کي به جواب ڏنائين: ”ادا! ٻن رپئين ۾.“

اهڙيءَ طرح ڳوٺ تائين پهچندي پهچندي، ڪيترن ئي ماڻهن کانئس ڏڳي جي قيمت پڇي. جڏهن ڳوٺ کي ويجهو پهتو ته، دل ۾ خيال ڪيائين ته، جيڪر ڏڳو ڳوٺ ۾ ڪاهي پهتس ته، سيڪو اچي ڏار ڏار بها پڇندو پوءِ ته منهنجو سر ئي ويو، ان ڪري ڪا اهڙي تجويز ڪجي، جو هڪ ئي ڀيري سموري ڳوٺ کي قيمت جي خبر پئجي وڃي. سو جڏهن ڳوٺ جي ويجهو پهتو ته، هڪ وڻ تي چڙهي، وٺي دانهون ڪرڻ لڳو. ماڻهن جو سندس رڙيون ٻڌيون ته، سيئي ڊوڙندا اچي گڏ ٿيا ۽ کانئس پڇياڻون: ”فقير رڙيون ڇو ٿو ڪرين؟“

”ادا! مون هي ڏڳو! فلاڻي ماڻهوءَ کان ٻن روپين ۾ ورتو آهي، سڀ ڏسي ڇڏيو ۽ وري مون کان نه پڇجو ۽ جيڪو هتي نه آيو هجي، ان کي به ٻڌائي ڇڏجو!“

ڏاڍي کان پري ڀلو

وتايو فقير ڪنهن مسافريءَ تي پري هليو ويو ۽ کيس ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. سندس ماءُ ڇا ڪيو جو سامان کڻي وڃي سيد جي پاڙي ۾ ويٺي. جڏهن وتايو مسافريءَ تان موٽي آيو ته، اچي ماڻهن کان پڇيائين: ”امان ڪيڏانهن ويئي؟“

ڪنهن چيس: ”وڃي سيد جي پاڙي ۾ گهر اڏيو اٿس.“

نيٺ ڳولي ڳولي وڃي کيس هٿ ڪيائين ۽ چيائينس: ”امان! تون هتي ڇو اچي ويٺي آهين؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چيو: ”ابا! هتي ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن. تڏهن اچي سندن پاڙي ۾ پئي آهيان؛“

وتائي چيو: ”امان قهر ڪري ڇڏيئي!! ڏاڍي ڪان جيترو پري. اوترو پلو هاڻ جي سيد ڪاوڙجي ته ٻه وتايو مڃو ۽ جي امان ڪاوڙجي ته ٻه وتايو مڃو!!“

ٻوڙي تائين ڏپ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ڪنهن روپيو ڏئو سو پٽڪي ۾ ٻڌي ڇڏيائين. رات جو ڪيس اچي ڪتڪو ٿيو سو ننڊ ئي نه پئي اچيس. نيٺ صبح ٿيندي ئي گهران نڪتو ۽ گس ۾ هڪ ٻوڙو ڏسي، روپيا ڪڍي ان ۾ اڇلايائين. اڳتي وڌيو ته، ڪي ماڻهو مليس، انهن مان هڪ پڇيس ته: ”فقيرا واٽ تي ڪو ڏپ ڊاءُ ته ڪونهي؟“

وتائي فقير چيس: ”ٻيلي! انهيءَ ٻوڙي تائين ڏپ اتي اڳتي خير آهي!“

هو ٻه خوش ۽ آءٌ ٻه خوش

هڪ ڏينهن وتائي فقير وٽ ڪي مهمان اچي نڪتا. هن مسڪين وٽ هڙ ۾ ڪجهه ٻه ڪونه هو جو کين ڪجهه وٺي کارائي. اوچتو هڪ ڇوڪر اچي اتي ڪِهڙن جو هوڪو ڏنو. وتائي فقير اتي ڪيس سڏ ڪيو ۽ سڀ ڪِهڙُ تورائي ڪڍي مهمانن جي اڳيان رکيائين. جڏهن ڇوڪر پئسن جي گهر ڪئي ته. اٿندي ئي ٻه ٽڙ هٿي ڪڍيائينس، ڇوڪر روئڻ لڳو. گهڙي گذري ته، هڪ شخص آيو ۽ اچي فقير کي پئسا ڏنائين، فقير يڪدم اٿيو ۽ ڇوڪر کي پئسا ڏيئي روانو ڪري ڇڏيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهمانن پڇيس تہ: ”فقيرا تو اهو ڇا ڪيو؟“

جواب ڏنائين تہ: ”مون وٽ هڙ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو ڏٺم تہ، خدا کي سوال ڪندس تہ اهڙو تڪڙو اصل ڪونہ ٻڌندو سو چوڪر کي وٺي ٺٺڙ هنيم. هن جو دانهون ڪيون تہ، ڏسو! تہ ڪيئن نہ ٻڌي ورتائين ۽ پئسا تڪڙا بہ موڪليائين. هاڻي هو بہ خوش ۽ آءٌ بہ خوش!“

ٿانڊا

هڪ ڀيري وتايو فقير، پنهنجي ماءُ سان گڏجي، ڪيڏانهن سفر لاءِ نڪتو هلندي هلندي واٽ تي رات پئجي وين. ماڻس، فقير کي چيو: ”ابا! ڪٿان ڪو ٿانڊو ڪٽي اچ تہ، ماني پچائي وٺان.“

فقير جواب ڏنس: ”امان! هتي رڻ پٽ ۾ ٿانڊو ڪٿان آيو؟“

ماڻس ڪاوڙ مان وراڻيو وڃي دوزخ مان ڪٽي اچ.

فقير چيو: ”امان! دوزخ ۾ ٿانڊو آهي ئي ڪونہ!“

ماڻس حيران ٿي پڇيس: ”ابا! هي جو ماڻهو چوندا آهن تہ، گنهگارن کي دوزخ جي باهہ ۾ ساڙيو ويندو سو ڪيئن؟“

فقير وراڻيو: ”ٿانڊو هر ڪو هتان ئي ڪٽي ويندو.“

سچائي بہ ڪم تي اچي

هڪ ڀيري سانوڻيءَ موسم ۾ درياهہ اٿلڻ سبب وڏي ٻوڏ آئي. سو سنڌي شهر کي ٻوڏ جو خطرو ٿي پيو. ماڻهن کي اچي ساهہ جي لڳي ۽ هر ڪو ٽپڙ ڏوئڻ ۾ لڳي ويو. وتايو بہ پنهنجون بہ ٽي رليون ۽ مختصر سامان کڻي شهر کان ٻاهر تي نڪتو. ماڻهن جي اها حالت ڏسي چيائين: ”وقت تي سچائي بہ ڪم تي اچي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڙ

هڪ پيري ڪنهن واهہ جو بند ڀڄي پيو اتي جي زميندار پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڏنو تہ: ”چيڙ وٺي وڃ ۽ بند ٻڌائي اچ.“ ڪمدار چيڙ وٺي وڃي ڪم شروع ڪيو. گهارو تمام زبردست پيو هو ان ڪري بند ٻڌجي ئي نہ پيو. ڪمدار ماڻهن تي گهڻو ئي گوڙ ڪيو پر هنن ويچارن جو پاڻيءَ سان ڪهڙو وس!؟ سو وڏيءَ ڪوشش باوجود بہ بند ٻڌي نہ سگهيا.

انهيءَ بند جي پرسان عام گس هو ڪمدار خيال ڪيو تہ: هاڻي جيڪو بہ ماڻهو اتان لنگهندو وڃي، ان کي بہ ڪم تي لڳائيندو وڃان، ورنہ شام تائين بند نہ ٻڌو تہ، زميندار ميڙجي پوندو.

اتفاق سان انهيءَ مهل وتايو ۽ بہ ٻيا همراهہ بہ اتان اچي لنگهيا. ڪمدار هڪل ڪئي، ”ويندڙ خبرون ڏيو؟“

هنن جواب ڏنس: ”اسين فلاڻي رئيس جا ماڻهو آهيون، سندس ڪم سان پيا وڃون، ٻيو سڀ خيرا!“

ائين چئي هو هليا ويا. پوءِ ڪمدار فقير کان پڇيو ”تون ڏي خبرا ڪنهن جو ماڻهو آهين؟“

وتائي چيو: ”خدا جو ماڻهو آهيان.“

ان تي ڪمدار چيو: ”هل ڙي هل! تون خدا جون ماڻهو آهين ۽ ٻيا چورن جا!. هل هلي ڪم ڪراءِ.

اهو ٻڌي وتائي فقير آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين: ”اي خدا! تنهنجومان تہ وڏيري جهڙو بہ ڪونهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح نہ ڏنئي

هڪ ڏينهن وتائي فقير جي گهر ۾ اَنُ کپي ويو. ماٺس ٻڌايس: "ابا! اڄ گهر ۾ اَنُ خير ڪو آهي."

فقير هڪدم اٿيو ۽ ڏو مسجد ۾ گهڙي ويو. پنو قلم کڻي، رب پاڪ کي مخاطب ٿيندي چيائين، "جي ڪٿو آهين تہ صحيح ڏي."

اوچتو انهيءَ مهل مسجد جي در وٽ فقير کي سڏ ٿيو. ڏسي تہ، هڪ شخص گڏهہ تي ان جي ڳوڻ رکيو کيس. پيو سڏي. جڏهن فقير انهيءَ شخص وٽ آيو تہ هن چيس: "فقيرا هيءَ ڳوڻ تنهنجي لاءِ آندي اٿم."

وتائي کلي ڏنو ۽ چيائين: "صحيح نيٺ ڪانہ ڏنئي باقي اَنُ موڪلي ڏنئي!"

خدائي ورچ

هڪ ڀيري ڳوٺ واري مسجد ۾ ڪنهن جماعتيءَ، نمازين ۾ مٺائي ورهائڻ لاءِ آندي. وتايو فقير بہ اتي موجود هو. سيني جماعتين فقير کي چيو: "فقير تون اتي مٺائي ورهاءِ."

فقير چيو: "ٻڌايو خدائي ورڇ ڪريان يا ماڻهن واري؟"

سيني چيس: "فقيرا خدائي ورڇ ڪر، پيو ماڻهن واري ڪهڙي؟"

هن ڇا ڪيو جو ڪنهن کي ٻُڪ ڀري ڏنائين تہ ڪنهن کي بلڪل ٿوري، ڪنهن کي تہ وري ڪٽو بہ ڪونہ ڏنائين.

جڏهن سموري مٺائي ورهائي دنگ ڪيائين تہ، ماڻهن چيس: "واهہ فقير واهہ! هي ڇا ڪيئي؟"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب ڏنائين: ”ماڻهن واري ورڇ تي اوهان مون کي ڪرڻ ئي ڪانہ ڏني، باقي خدائي ورڇ تہ اها آهي، جو ڪنهن کي بک تہ ڪنهن کي ڊوڙا ڪنهن کي تورو تہ ڪنهن گهٽو!!“

وتايو فقير ۽ حلوائي

هڪ ڀيري وتايو فقير هڪ حلوائيءَ جي دڪان جي ڀرسان اچي لنگهيو. ڏٺائين تہ قسمين قسمين مٺاين جا ٿالهہ ڀريا پيا آهن، پر حلوائي ماٺ ڪريو ويٺو آهي. هن ڇا ڪيو، جو آڱر وڏائي حلوائيءَ جي اکين ۾ هڻڻ لڳو. حلوائيءَ چيس تہ: ”فقيرا اهو ڇا ٿو ڪرين؟“

هن چيو: ”سچو آهين ڇا؟“

دڪاندار چيو: ”ها!“

ان تي وتائي چيس: ”جي سچو آهين تہ پوءِ هيترا مال ڏسيو ماٺ ڪيو ڪيئن ويٺو آهين؟“

دڪاندار جواب ڏنس: ”جيڪڏهن مان پاڻ ويٺو کاوان، تہ منهنجو گهر تباهہ ٿي وڃي!“

ان تي وتائي فقير هڪدم چيو: ”چڱو! تون اٿي، تہ آئون ٿو کاوان، ڀلي منهنجو گهر تباهہ ٿئي.“

ڏڪا تہ نہ ڏي

هڪ ڏينهن وتايو فقير خدا تعاليٰ کان دعا گهري رهيو هو. هٿ مٿي کڻي، سوال ڪندو پوئتي هٽندو ويو. پٺيان ڪا کڏ هئي، جنهن جي کيس خبر ئي ڪانہ پئي، هو پوئتي هٽندي، هٽندي اوچتو وڃي انهيءَ کڏ ۾ ڪريو.

يڪدم مٿي نهاري چيائين: ”دعا نہ ٻڌين تہ نہ ٻڌ، پر ڏڪا تہ نہ ڏي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سومهڻي جي نماز

وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ رات جو هڪ شخص سج لٿي بعد گذاري ويو. سو ٻئي ڏينهن صبح جو ڪنهن شخص فقير کي چيو ته: "فقير! رات پاڻ وارو يار گذاري ويو. ڏاڍو چڱو ماڻهو هو."

ڪهڙي وقت وفات ڪيائين.

همراهه وراڻيو: بس! فقير ٿا تو پڇين سج لٿي جي نماز پڙهي، ڪي گهڙيون گهر ۾ مس وينو ته اوچتو روح پرواز ڪري ويس.

فقير کلي چيو: "ادا! چڱو ٿيو. ڇٽي پيو سومهڻي جي نماز کان!"

گڏهه ۽ ڍڳي

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هوندي هئي، هو ڪيس روز گاهه آڻي ڏيندو هو. اتفاق سان هڪ گڏهه اچي هريو ۽ روزانو ڍڳيءَ جو گاهه کائي ويندو هو فقير ان کي هڪلي هڪلي ٿڪجي پيو ۽ جڏهن گهڻو بيزار ٿيو ته، رب پاڪ کي سوال ڪيائين، "ڏاڍي منهنجا! هن گڏهه کي مار!"

صبح ٿيو ته ڏسي ته سندس ڍڳي مئي پئي آهي. فقير يڪدم گهران نڪتو ۽ وڃي هڪ انڌي کي وٺي آيو. ان کي چيائين: "هنيءَ مئل جانور ته سڃاڻ!"

هن هٿ لائي چيس: "هيءَ ڍڳي آهي."

ان ٿي ڪنڌ مٿي ڪري چيائين: "اي الله! انڌي کي به سڃاڻپ آهي ته هيءَ ڍڳي آهي. وڏيڪ ٿا چوانءِ!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٿيءَ جي ياد

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ۽ وات تي ”لااِله اِلاالله“ جو ذڪر ڪندي پئي ويو. پويان ڪجهہ ماڻهو پئي آيا. سي فقير جي ويجهو پهتا تہ هنن سندس ذڪر ٻڌي سمجهيو تہ هيءَ ڪو درويش آهي، ان ڪري انهن ماڻهن مان هڪ شخص ڪيسي مان رپيو ڪڍي، فقير کي ڏنو.

فقير، رپيو وٺي، اڳتي هليو. ڪيس دل ۾ اچي خيال ٿيو تہ، انهيءَ رپئي جو ان وٺان يا ماءُ لاءِ ڪپڙا. انهيءَ خيال ۾ ڪانئس ذڪر وسري ويو ۽ اچي ڳٽتيءَ ورايس. وري خيال آيس تہ، هن رپئي تہ مون کان الله جو نالو ئي وسارائي ڇڏيو. رپئي کي ڪيسي مان ڪڍي، اڇلي ڇڏيائين ۽ چيائين، ”رڳو هڪ رپئي ئيَ مون کان الله جو نالو وسرائي ڇڏيو آهي، تہ پوءِ جن ماڻهن وٽ جججهي دولت آهي، سي ڪيئن ڏٿيءَ کي ياد ڪندا هوندا؟“

امان جي وس

وتايو فقير، هڪ ڀيري ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو تہ، اتي هڪ شخص ويٺي ٻين کي نصيحت ڪئي: ”ادا، سڀ ڪجهہ الله سائينءَ جي وس آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.“

اُن تي وتائي فقير کلي ڏنو.

ماڻهن پڇيس: ”فقير تون ڇو ٿو کلين.“

چيائين: ”اهو سڀ سچ آهي تہ، هر ڪا ڳالهہ رب جي وس آهي، پر هڪ ڳالهہ امان جي بہ وس آهي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن حيران ٿي پڇيس: ”اها ڪهڙي؟“
چيائين: ”وٺيس تہ پٽ رڙي – وٺيس تہ ماني پچائي!“

ڪهڙي قهار جو نالو وتئي!

هڪ ڀيري وتايو فقير درياهہ جي پرڀڻ پر ٿي ويو سو ٻيڙيءَ تي چڙهي ويٺو. جڏهن ٻيڙي پرجي ويئي، تہ مهاڻي الله جو نالو وٺي ٻيڙي ڇوڙي. وتايو ٽپ ڏئي لهي پيو ۽ چيائين تہ: ”ڪهڙي قهار جو نالو ورتو اٿيئي!“

انهيءَ تي ٻيڙيءَ ۾ ويٺلن مان ٻہ ٽي ڄڻا بہ لهي پيا. ٻيڙي اڳتي هلي. جڏهن وچ سير تي پهتي تہ خدا جي قهر سان اوچتو ئي اوچتو اونڌي ٿي پيئي ۽ ٻڏي ويئي.

آءٌ ڪٿي ڪائيندس

هڪ دفعي وتائي فقير ٻني پوکائڻ جو خيال ڪيو. ماڻهن کي ونگار لاءِ چيائين. جيڪي جوڙا ڪاهي آيا ۽ ڪيس سڄي ٻني کيڙي ڏنائون. جڏهن ٻني کيڙي بس ڪيائون تہ چيائونس: ”فقير هاڻي پٽ ڪاراءِ!“

اهو ٻڌي وتايو فقير اچي روئڻ لڳو.
ماڻهن پڇيس: ”فقير ڪر خبر روئين ڇو ٿو؟“
چيائين: ”ادا! روئان ان ڪري ٿو تہ، توهان تہ ماني وڃي پنهنجي گهر بہ ڪائيندؤ پر آءٌ ڪٿي ڪائيندس؟“

ڇگو ٿيو

هڪ ڀيرو وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ واٽ تي سج لهي ويس، وٽس ڪيسي ۾ هڪ رپيو پيو هو. ان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڏپ اچي ٿيس، ته متان ڦورو ڦري وڃن ۽ پئسا هوندا، ته جان جو به ڏپ آهي، ان ڪري اهڙي شيءِ ئي نه هجي ته چڱو. اهو سوچي، روپيو ڪيسي مان ڪڍي، هڪ ڪرڙ جي وڻ جي پاڙ ۾ اڇلائي ڇڏيائين ۽ پاڻ اڳتي هليو ويو.

صبح جو ڪو ڏنار مال ڪاهي اچي اتان لنگهيو تنهن جي نظر وڃي رپئي تي پئي. ڪرڙ ۾ رپيو ڏسي سمجهيائين ته، پڪ هتي ڪو خزانو لڪل هوندو سو ڪهاڙي کڻي سڄو ڪرڙ وڍي ڇڏيائين، پر پوءِ به پئسا هٿ نه اچڻ تي ڪوڙي پاڙون به ڪڍي ڇڏيائينس.

وتايو فقير بہ – ٽن ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن ڳوٺ ڏانهن موٽيو سوچيائين ته ڪرڙ مان روپيو ڪنيو وڃان. جڏهن اتي پهتو ته، ڏٺائين، ڪرڙ آهي ئي ڪونه ۽ اتي کڏ لڳي پيئي آهي، ڪو ڪرڙ جون پاڙون يعني لاهه به ڪڍي ويو آهي.

حيران ٿي چيائين: ”وڃ! چڱو ٿيو جو روپيو اڇلائي ڇڏيم، نه ته منهنجا به ائين ئي لاهه نڪري وڃن ها!“

ڏئي ٿو، پر ڪنگهائي

ڳالهه ٿا ڪن ته وتائي فقير کي پلاءِ ڏاڍو وڻندو هو سو هڪ ڏينهن خيال ڪيائين ته ماڻهو چون ٿا ته خدا رازق آهي، سو آءٌ به آزموده ته وٺان، واقعي اها ڳالهه سچي آهي يا نه.

اهو خيال ڪري، شهر کان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ واهه جي ڪناري تي بيٺل هڪ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو انهيءَ حالت ۾ ڪيس به ڏينهن گذري ويا، پر ڪٿان به ڏاڪون پرچي نه آيو. ٽئين ڏينهن ڪو رئيس شڪار لاءِ اتي پهتو ۽ ان وڻ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇانوَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو (جنهن تي وتايو وينو هو) رئيس جا ماڻهو رڌ پچاءَ ۾ لڳي ويا. جڏهن ماني رڌجي تيار ٿي ته. رئيس نوڪرن کي حڪم ڏنو: ”پهرئين ٿالهي، پريان جيڪو اچو قبو نظر پيو اچي، اتي وڃي خدا ڪارڻ ڏيئي اچو.“

وتائي فقير ڏٺو ته. هاڻي جيڪڏهن ماٺ ٿو ڪيان ته اڄ به بک ٿو مران، ان ڪري وڃي زور سان ڪنگهيائين. جڏهن رئيس ڪنگهڪار ٻڌي ته. مٿي ڏٺائين. ڇا ڏسي ته فقير وڻ تي وينو آهي. ان کي ڏسي چيائين: ”فقير، هيٺ لهي اچ ۽ اچي پيٽ ڪاءِ.“

فقير وڻ تان لهي آيو ۽ پيٽ ڪائي ڳوٺ موٽيو ماڻهن پڇيس: ”فقيرا ڪر خبر — ٻه ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟“

چيائين: ”ٻڌو هوم ته خدا رازق آهي، سو ان جو آزمودو وٺڻ ويو هوس!“

ماڻهن حيران ٿي پڇيس: ”پوءِ پلا ڇا ٿيو؟“

جواب ڏنائين: ڏٺي ته پر ڪنگهائي پوءِ ٿو ڏئي!“

روزو کولڻ

هڪ سال وتائي فقير رمضان شريف ۾ جمع جو روزو رکيو. شام ٿي ته. نماز پڙهڻ ۽ روزو کولڻ لاءِ مسجد ۾ آيو. جڏهن روزي کولڻ جو وقت ٿيو ته. ملان، فقير اڳيان دال ۽ جوئر جي ماني آڻي رکي ۽ جيڪي آسودا نظر آيس، تن جي اڳيان ٻوڙ ۽ پلاءُ رکيائين. اتفاق سان ٻن ڄڻن جو گوشت جي ٻوڙ تان جهيڙو ٿي پيو.

هڪ چيو: ”تو گهران رڌل پٽاٽا آندا آهن، اهي ڇو نٿو کائين؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڇيو: ”جي گوشت کاڌم ته ڇا ٿيو تنهنجو نفس گوشت کائڻ لاءِ چوي ٿو ۽ منهنجو نه؟“

ٻنهي ۾ جهيڙو وڌي ويو ۽ هڪٻئي کي گارگند ڪيائون. نيٺ ماڻهن وچ ۾ پئي جهيڙي کي ٽاريو.

فقير جو اها حالت ڏٺي، سو اٿي ملان وٽ ويو ۽ چيائينس: ”توکي شاباس هجي، جو مون کي گوشت جو ٻوڙ نه ڏنئي، نه ته منهنجو نفس به هري پوي ها ۽ آءُ روز پيو اڇان ها ۽ اهڙا جهيڙا پيو ڏسان ها.“

وڏيڪ جا ڇوانءِ

هڪ ڀيري وتائي فقير کي ڪيڏانهن پري وڃڻ جو خيال ٿيو. سوچيائين ته: ايترو پنڌ ڪري نه سگهندس. ان ڪري ڪو جانور هٿ ڪريان ته، ان تي چڙهي وڃان، پنڌ کان به بچي ويندس ۽ تڪڙو به پهچي ويندس. اهو سوچي، سڄي ڳوٺ ۾ ماڻهن کان سوال ڪيائين، پر ڪنهن به ويچاري کي ڪو جانور ڪونه ڏنو. نيٺ، مايوس ٿي گهر ڏانهن موٽيو. اتفاق سان گس ۾ هڪ ماڻهو گڏيس، جيڪو گڏهه تي وڃي رهيو هو. ان کي سوال ڪيائين: ”ٻيلي! مون کي ضروري ڪم سان وڃڻو آهي، پنڌ گهڻو آهي ۽ پنڌ هلڻ جي همت ڪانهيم. ان ڪري مهرباني ڪرين ته، هڪ – ٻن ڏينهن لاءِ گڏهه ڏينم، ته ڪم لاهي اچان.“

ان شخص کي روح ۾ رحم پيو، سو کيس چيائين: ”فقير گڏهه حاضر آهي، تون ڀلي ڪاهي وڃ.“

وتايو فقير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کان گڏهه وٺي، ان تي چڙهيو جڏهن ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو ته سوچيائين: ڏنبو هٽانس ته تکو هلي، جيئن جلد پهچي وڃان. اهو سوچي،

گڏهہ کي ڏنبو هنيائين، تہ هن وٽني فقير کي ڪڍايو ۽ فقير ويچاري اچي پٽ تي ڦهڪيو ڪيو.

هڪدم ڪپڙا چنڊي اٿيو ۽ چيائين: ”توکي جيڪو چوٽو هيم، سو تہ تون اڳي ئي آهين، هاٿي وڏيڪ ڇا چوانءِ؟“

هيچ ڪان بچڻ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ماڻس چيو: "ابا! روڪڙ ڪٿي پئي آهي، هاڻ تہ الله سائين کي سوال ڪر تہ ڪجهہ ڏياري.“

فقير گهر ۾ بينل پير تي چڙهي، ان کي ڏوڙيو تہ منجهانئس روپين جو مينهن وسي پيو. ان مان هڪڙو روپيو ڪٽي اچي ماءُ کي ڏنائين.

ماڻس چيس: ”ابا! هيترن روپين مان فقط هڪڙو روپيو ڪٽي آيو آهين؟

فقير چيو: ”ماٺ ڪر، هيچ نہ ڪر، الله سائينءَ کي ريچڪ آيئي تہ اهو بہ ڪسي ونندءِ!“

ڪاوڙجي ڏوڏ نہ وٺئي

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هئي. ماڻس جو ان سان تمام گهڻو پيار هوندو هو. خدا جي قدرت سان هڪ سال اچي مال ۾ ساتو پيو. ڍاڳين جا ڍاڻ خالي ٿي ويا. غريب غربي جي دانهن مچي وئي. ڪنهن وٽ ڪو هڪ بہ وهٽ هئا، سي اهي بہ مري ويا. وتايو فقير بہ انهيءَ ڏک کان بچي نہ سگهيو. ڍڳي هيس سا بہ مري ويس. ماڻس کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اچي روئڻ ۾ چنڪي، سو بس ئي نہ ڪري. وٽني دانهون ڪري چوي، الله کي بہ اچي اسان جي ڍڳي سُجهي. اسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مسڪينيءَ تي کھل ڪانہ آيس. اھا بہ ڪسي ورتئين. تڏھن وتائي فقير چيس: ”ماٺ ڪر. مورڳو الله سائين ڪاوڙجي ڏوڌ نہ ونيئي.“

سٽين ٿو پر سمجھين نہ ٿو

وتايو فقير ڪنھن سفر تي نڪتو. پنڌ جي تڪليف ڪري الله سائين کي سوال ڪيائين: ”موليٰ! اڄ تہ ڪا سواري ڏيار تہ چڙھانس.“ اڳتي ھليو تہ ھن کي ھڪ پوليس وارو ڏسڻ ۾ آيو. ان جي گھوڙي گس ۾ ويامي پيئي ھئي. سو انھيءَ تاڙ ۾ ھو تہ ڪو ماڻھو اچي تہ گھوڙيءَ جو ڦر ڪٽايانس. تنھن جو فقير کي ڏٺو سو سڏي چيائينس: ھيءُ ڦر کڻ. فقير ويچارو ماٺ ڪري ڦر کڻي ھليو. تان جو ٿاڪي تي آڻي ڦر کي لاٿائين. جڏھن ٿاڪي ڪان نڪتو تڏھن کلي خدا کي چيائين: ”سٽين ٿو پر سمجھين ڪونہ ٿو! مون توکي چيو تہ سواري ڏيار تہ آءٌ چڙھانس يا مون تي سوار ڪراءِ!“

خرچ تہ سندس ئي وڌيو

ھڪ دفعي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. ماڻھو مڙئي وتائي فقير وٽ آيا.

چيائونس: ”فقير ھر ڪو وڃي پيو. راھہ رباني وٺيو ائين تہ ڳوٺ خالي ٿي ويندو. تون ڪا ڏٽي در دعا گھر تہ ھاڻ ڪٿي بس ڪري ۽ ھيءُ مصيبت ٽري.“

جواب ڏنائين تہ: ”ابا! اوھان کي ڪھڙي ڪس، خرچ تہ سندس ئي وڌيو.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽ وٺي ٻيڙي پيو ٻوڙي

وتائي فقير جو گهڙو چور چورائي ويا. فقير ڇا ڪيو جو ويو مسجد ۾، اتي ٺاهوڪو دلو ڏسي وجي ڪنيائين.

ملي چيس: ”فقير هي ڇا ٿو ڪرين؟“

فقير چيو: ”دلو کپيم ٿو سو ٻئي هنڌان ڪٽندس ته مالڪن کي خبر پئجي ويندي ۽ چور ڪري ڪٽي ٻڌندم. هن يار جو کنيو ٿو وڃان جو هن کي نڪا پئي خبر نڪا چار، بي اونو هليو ويندس.

ملي چيو: ”نه فقير نه، تون پليو آهين! هو ته عالم الغيب آهي، سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو.“

وتائي فقير چيو: ”ها! سڀ خبر پويس ٿي. تڏهن چئبو ته لچن کي پناهه پاڻ ٿو ڏئي. هي ته هٽ وٺي اسان جي ٻيڙي پيو ٻوڙائي.“

هاٽي مڇندو ڏوڙ

وتايو فقير هڪ دفعي ڪنهن ايري گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو. اڳيان هڪ شخص پڇيو: ”فقير، تنهنجي گهوڙي کي ڇا ٿيو آهي جو تمام ايرو ٿي ويو آهي؟ داڻو پاڻي ڪونه ٿو مليس ڇا؟

فقير چيو: ”ادا! داڻو ته مون وٽ آهي ڪونه. اهو ته آهي الله وٽ. سو نٿو ڏئيس. گاهه ڪرڻ جي طاقت مون ۾ به ڪانهي. وري منهنجو گهوڙو به آهي خارباز پاڻي پيئڻ هن به ڇڏي ڏنو آهي. هاٽي مڇندو ڏوڙ!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٻئو ڪائو

وتائي جي ڳوٺ' جي پر واري ڳوٺ ۾ شادي هئي. دهلن دمامن جون ڌمالون ۽ ديڳين جا دس پئي لٿا. فقير به پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ سڌو چني ۾ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهڻو ئي نهاريائين، پر ڪنهن سڪٽي صلاح به ڪانه ڪيس. ٻيا جيڪي اوچن ڪپڙن ۾ ماڻهو پئي آيا، تن کي وني عزت سان پئي ويهاريو ويو ۽ کين ماني تڪي پئي کارائي وئي.

فقير ويهي ويهي نيٺ اٿيو ۽ هڪ ڪنيءَ وٽ آيو. ان کان مسواڙ تي ڪپڙا وني، پائي، ڏاڍي نٽ سان اچي چني ۾ گهڙيو. ماڻهو ٻوڙي آيا ۽ وني وجي باعزت طريقي سان ويهاريائونس. يڪدم ٻوڙ پلاءَ اچي ويا ۽ فقير جي اڳيان رکجي ويا.

فقير ڪپڙن ۾ هٿ وجهيو انهن کي پيو چوي: ڪائو ڪائو!

ماڻهن چيس ته: "چريو آهين ڇا؟"

چيائين: "ادا! آءٌ ته اڳ ۾ به آيو هئس، پر ڪپڙا هيم ميرا سيرا سو ڪنهن ڪيڪاريو ئي ڪونه پئي، هاڻ جا خوشامد پيا ڪيو سا پڪ ڪپڙن ڪري آهي، ان ڪري جن ڪري مانُ مليو آهي، اول انهن کي تي کارايان!"

آءٌ هجان ۽ سيون

ڳالهه ڪندا آهن ته، وتائي فقير کي سيوين گهڻيون وڻنديون هيون. هڪ ڏينهن خدا کي سوال ڪيائين: ڏٽي منهنجا! اڄ هڪڙو ننڍو سوال ته منهنجو به ٻڌ! رمضان جي عيد اچي، ماڻهو سيون رڌين، جڏهن رڌي بس ڪن، تڏهن سڀ مري وڃن، آءٌ ۽ امان وڃون ۽ وڃي سڀيا سيون ميڙي

گهر ڪٽي اچون. جڏهن سڀ سيون گهر ۾ اچي وڃن، تڏهن امان بہ مري وڃي، پوءِ تہ آءٌ هجان ۽ سيون.

پٺهين جو گهر هيءُ آهي

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي گهر آيو. ڏٺائين تہ، دروازي جي پرسان هڪ ڇوڪرو وينو تورو ڪري، ڪانئس پڇيائين: ڇوڪرا ڪنهن جو پٽ آهين؟

ڇوڪر جواب ڏنس: ”الله جو.“

تڏهن يڪدم ڪيس ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي وڃي مسجد جي در وٽ ويٺو ۽ چيائينس: ”ابا پراوا گهر نہ وڃاءِ، پٺهين جو گهر هيءُ اٿئي.“

آءٌ مئو پيو آهيان

هڪڙي ڏينهن وتايو فقير گهران ڪاوڙجي نڪتو. چيائين تہ بس آءٌ هاڻ مري ٿو وڃان. پوءِ اتان نڪري اچي مقام ۾ ويهي رهيو. اوچتو هڪ گاڏي اچي اتان لنگهي. اڳيان گپ هئي، تنهن ڪري گاڏي ڦاسي پيئي. گاڏيءَ واري ويچاري گهڻي ئي حيلا ڪيا، پر گاڏي نڪري نہ سگهي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين تہ، وتائي فقير کي پريان مقام ۾ ستل ڏٺائين، سڏ ڪري چيائينس: ”درويش مون کي گاڏي ڪڍائڻ ۾ تہ اچي مدد ڪر.“

وتائي فقير چيس: ”ادا! آءٌ مئو پيو آهيان. نہ تہ تنهنجي گاڏي سويرئي نڪري وڃي ها.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت ڪونہ مربو

وتايو فقير گهمندو گهمندو سير ڪندو ڪنهن شهر ۾ وڃي نڪتو، اتي سندس ڄاڻ سڃاڻ ڪانہ هئي، تنهن ڪري مسافرخاني ۾ وڃي ٽڪيو. ويچارو بيمار ٿي ويو ۽ مسافر خاني جي هڪ ڪنڊ ۾ پئجي رهيو. بيماري وڌي وئي، هن تي غشي طاري ٿي وئي. ماڻهو اچي مڙيا ۽ چوڻ پيا تہ الائجي هندو آهي الاءِ مسلمان؟ وتايو فقير اها ڳالهہ ٻڌي ٽپ ڏئي اٿي کڙو ٿيو ۽ چيائين: "هت مرڻ مناسب ڪونهي، اتي تہ وڃي مران جتي ڪو سڃاڻيندو بہ تہ هجي."

ملائڪ پيا سڄو جبل تورين

هڪ ڏينهن ڪنهن ملان واعظ پئي ڪيو: هميشہ وڏو پتر ڪٽي، ان سان وٽ چينجي، ڇو تہ اهي وٽ وارا پتر ملائڪ توريندا ۽ انهن جو ثواب ملندو.

وتايو فقير اها ڳالهہ ٻڌي اٿي هليو. هلندي هلندي وڃي هڪ جبل تي چڙهيو ۽ اتي پيشاب ڪري، جبل سان وٽ چيني، چيائين: "هاڻ پل تہ ملائڪ پيا سڄو جبل تورين."

جيئڻ مرڻي جي مرضي

چوڻ ٿا تہ هڪ ڀيري جڏهن وتايو سفر سانگي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو تہ سندس پالتو ڪتو بہ هن جي پويان پويان هلڻ لڳو. فقير گهڻو ئي ترڙيس، پر ڪتو ڪٿي ٿو مڙي.

بهرحال ڪتو فقير پويان پويان هلندو رهيو. جڏهن فقير ڪنهن ڳوٺ پرسان لانگاهو ٿيو تہ ان ڳوٺ جا ڪتا فقير واري ڪتي ڪي ڦري آيا. ڀڙياڻين تہ هڪ ٻئي کي يشون ڏنائون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر نيٺ ڪتن جي ولر ڪٽي فقيرجي ڪتي کي دسيو. ايتري ۾ فقير به پٽي سوٽيون پنهنجي ڪتي کي ڦهڪائي ڪڍيون.

ڪنهن ڳوٺ واري پريان بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو تنهن چيو: "فقيرا اهو ڇا تو ڪرين، هي سڀ ڪتا به تنهنجي ڪتي کي پيا مارين ۽ تون به پنهنجي ڪتي کي پيو لٺيون هڻين."

فقير وراڻيو: "ادا! جڏهن مڙني جي مرضي اها آهي ته پوءِ مان ڇو مڙان!"

تنهنجو ملهه

وتائي فقير ڪي درياءَ جي پار ڪنهن ڳوٺ ۾ ويٺو هو. صبح جو سوير ماني کائي اتي پنڌ پيو تان جو اچي درياءَ تي پهتو. پتڻ جو پور اڳئي پرجي چڪو هو سو مهاڻي ٻيڙي ڇوڙي روانا ٿيڻ ويا هئا، پر اڃا ڪناري کي بلڪل نزديڪ هئا. فقير آيو ته ڏٺائين ته ٻيڙي رواني ٿي وئي آهي. ماڻهو کي سڏ ڪري چيائين بيلي آءُ مسڪين آهيان، خدا جي واسطي مون کي کڻيو هل. مهاڻي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. فقير وٺي وڏا واڪا ڪيا. نيٺ مهاڻي چيس، فقير اسين ڪو واندا وينا آهيون ڇا. جو رڳو پينو گهليندا وتون.

وتائي فقير رهيو ڪيسي مان ڪڍي، کيس ڏيکاري چيو: يلا هيءُ وٺ روڪ رپيو پر مون کي وٺي ضرور هل. روپيو ڏسي پاتڻيءَ جو پتو به پاڻي تي پيو. ٻيڙي ورائي اچي هن کي کنيائين. جڏهن وچ سير ۾ آيا، تڏهن فقير مٿي نهاري چيو "پاڻ ڏس! تنهنجو ملهه ماڻهن وٽ رپئي کان گهٽ اٿئي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڻ جو حق

وتائي فقير کي ڪنهن شخص چيو ته فقير مرڻ برحق آهي.

فقير جواب ڏنو ته: "ادا! ڪونهي لِکڻ جو لڪ تڏهن چئون تا مرڻ برحق، نه ته پيڙين چڙهي وڃونس."

رڳو اگهه تي نهو

وتائي فقير وٽ غربت اچي گهر ڪيو. سو ٻي ڪا واهه نه ڏسي، نيٺ پنهنجو گڏهه کپائڻ لاءِ پڙي تي ڪاهي ويو. جيئن شهر ۾ گڏهه سميت پهتو ته گڏهه هر ڪنهن پاسي پٺي پڇ هنيو. هر ڪنهن وتائي کي پٺي چيو: فقير تنهنجي گڏهه جي پڇ ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. ڪنهن جي اک ڪيندو.

فقير هم نه ڪئي تم ڪٽي گڏهه جو پڇ ٻڌائين. جيئن گڏهه اڳتي ڪاهيائين ته جنهن پٺي ڏٺو تنهن دانهن تي ڪئي، فقير گڏهه جو پڇ به ڪو ٻڏبو آهي.

نيٺ وتائي کي لڳي ڪاوڙ سو گڏهه جو پڇ کپي گودڙيءَ ۾ وڌائين. نيٺ وتايو گڏهه ڪاهي پڙيءَ ۾ پهتو جنهن به گراهڪ گڏهه کي تي ڏٺو سو کپيل پڇ ڏسي منهن واڙي تي ويو. جڏهن وتائي اها ڳالهه محسوس ڪئي ته هر ڪنهن گراهڪ کي چوڻ لڳو: "ياڻو! رڳو اگهه تي نهو باقي پڇ جي پرواهه نه ڪريو اهو مون وٽ پيل آهي.

روزي کولڻ جو ثواب

رمضان مهيني ۾ مسجد ۾ روزي کولڻ وقت روزي کولڻ لاءِ بين روزائتن سان گڏ وتايو فقير به پهتو. ڪنهن رڻ

ڪري چيس: ”فقير منجهند جو تہ ماني پئي کاڌئي، روزو وري ڪيڏي مهل رکئي.“

وتائي وراڻيو: ”ابا! رکڻ کي کٽي ڇڏ. کولڻ جو تہ ثواب نہ وڃاءِ.“

جهڙي نيت تهڙي مراد

وتايو فقير سفر دوران جڏهن ڪنهن ڳوٺ کان پئي گذريو تہ هڪڙو همراهہ تڪڙو تڪڙو اچي وٽس پهتو ۽ چيائينس: فقير ٻڌو اٿم تہ تنهنجي دعا ۾ ڏاڍو اثر آهي. منهنجي حق ۾ بہ ڪا دعا ڪر.

وتائي فقير وراڻيو: ”ابا! جهڙي نيت تهڙي مراد.“

الزام نہ ڪڻ

ڪنهن ماڻهوءَ وتائي تي وار ڪرڻ لاءِ مٿس لٺ اولاري، وتائي واتڙو تي پڇيو تہ ايڏي ڪاوڙ ڪهڙي قصور ڪري؟ لٺباز وراڻيو: تون پاڻ چوندو آهين تہ هٽي هٽائي پاڻ الله ٿو پورءِ مون کي بہ اهڙو حڪم ڪيو هونداءين.“ وتائي ٺهڪ ڏيئي چيس: ”الله، کي واڻيو مارڻو هوندو تہ هر حال ۾ ماريندو مورک! تون پاڻ تي الزام ڇا لاءِ ٿو کڻين!“

ٽڪو گهوڙو

هڪ دفعي ڳوٺ جي هڪڙي زميندار گهوڙو خريد ڪيو. ان کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو زميندار جي گهر پهتا، انهن ۾ وتايو فقير بہ موجود هو. زميندار رويدار انداز ۾ آيل خلق کي چيو: ”هيءُ گهوڙو هڪ سئو روپين ۾ خريد ڪيو اٿم. ڏاڍو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيز آهي. تر ۾ اهڙو گهوڙو ڪونہ ٿو سجهي.“ ماڻهن چيس: ”پوتارا! اوهان هن تي سواري ڪريو تہ اسين ڏسون.“ زميندار جواب ڏنو: ”اڄ هن کي آرام ڪرڻ ڏيو سڀاڻي صبح جو سوير آئون هن تي سواري ڪندس، اوهان ان وقت اچي ڏسجو!“ پوءِ سڀ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳوٺ جا ڪيترا ماڻهو ۽ وتايو فقير زميندار جي اوطاق تي پهتا. زميندار کي جڏهن ماڻهن جي اچڻ جي خبر پئي تہ ٻاهر نڪري آيو ان وقت سندس اکين مان لڙڪ پئي ٽميا. هن گنڀير آواز ۾ چيو: ”رات منهنجو گهوڙو هي جهان ڇڏي ويو.“

وتائي فقير چيو: ”پوتارا! تنهنجو گهوڙو ڪو ڏاڍو تکو هو جو ھڪ ئي رات ۾ هِن جهان ڪان هُن جهان وڃي پهتو!“

زال ۽ ماءُ

وتايو ماءُ جي وفات تي سندس لاش پرسان ويهي روئڻ لڳو هڪ پاڙي واري ڪراڙي آئي ۽ چوڻ لڳس تہ ابا! اهو موت سڀ ڪنهن مٿان اچڻو آهي، ڪوبہ ڪونہ بچندو. ٻچا تون وڏيڪ الڪو نہ ڪر! اسين ويٺيون آهيون!

وتائي چيو: ”واهہ زمانا! ماءُ مئي آهي تہ هر ڪا پئي دلاسا ڏئي، زال مئي تہ ڪنهن اکر ڪونہ ڪڇيو!“

وڏڙن جي نشاني

هڪ ڏينهن مجلس ۾ ڪنهن شخص وتائي فقير کي چيو تہ: ”فقير ڪپڙا تہ اڳئين زماني جا ۽ وڏن جي هٿ جا پاتا اٿئي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير جواب ۾ چيس: ”ڏاڏي مرڻ وقت چيو هو تہ جيڪي بہ ڪپڙا آهن سي هڪ صندوق ۾ وجهي منهنجي پرسان دفن ڪجو. اهي ڪيترا سال پوريل هئا. بابي مون کي اها جاءِ ڏيکاري هئي ۽ ڳالهہ بہ ٻڌائي هئي. پر دل تان خيال لهي ويو. تنهنجي پيءُ جي مرڻ واري ڏينهن تي ياد آيا. سو قبر کٽنڌڙن کي چيم تہ هتي کوٽيو. تورو کوٽڻ سان صندوق هٿ آئي ۽ تنهنجي پيءُ جي صدقي ڪپڙا لڌا.“ اها ڳالهہ ٻڌي همراهہ کٽي چپ ڪئي.

حلال حرام

هڪ ڏينهن وتائي فقير کان ماڻهن ڪچهري هلندي پڇيا ڪئي: ”ڪا اهڙي حلال شيءِ آهي جو اها کائڻ سان نفرت اچي؟“ چيائين: ”ڳوهيل اتو“، جي اِن مان سوئر جي شڪل ٺاهجي تہ مسلمانن کي ٻچان ايندي، جيڪر ان مان ڳئونءَ جي شڪل ٺاهي، باهہ تي پچائي، ڪنهن هندوءَ اڳيان رکبي تہ اهو ان اڳيان هٿ ٻڌي پوڄا پيو ڪندس، باقي هرگز ڪونہ کائيندو.

وتايوءِ پاٽٽي

وتائي کي ماءُ هڪ پاٽٽيءَ حوالي ڪندي چيو: ”ابا! ڇورو ڇنو آهي، پاڻ سان ڪم تي لائينس. پاٽٽيءَ پاڻ وٽ ماڻهن کي پترڻ اڪارڻ واري ڪم تي لاتس ۽ پاڻ کٽ تي چڙهيو اوطاق ۾ ويٺو رهيو. سانجهيءَ ٽاڻي، وتايو بہ سڄي ڏينهن جي ڪمائي مان اڌ مسڪينن ۾ ونڊي ورهائي، باقي بچت سميت پاٽٽيءَ وٽ پهتو. پاٽٽيءَ روزاني ڪمائيءَ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمي ڏسي ڪانئس پڇيو: ”پٽسا پورا ڪينهن؟“ وتائي ٻڌايس: ”اڌ ٽڪا تنهنجا آندا اٿم. باقي اڌ رقم اڇليم درياهه بادشاهه ۾.“ هن هڪو ٻڪو ٿي چيس: ”ڏن درياهه ۾ ڇاجي ڪاڻ اڇليئي؟“ وتائي چيس: ”درياهه ۾ ڇونه اڇليان! پٽڻ ڪو پٺهين جي پنيءَ تي ٿي تريو ڇا! درياهه کهڙو ڏوهه ڪيو. هن جو حصو هن کي ڏنم. باقي تنهنجو ڪٿي آيو آهيان.“

اکين وارا ڪي ڪي

هڪ سادي سودي همراهه وتائي جي هاڪ ٻڌي ور ڏئي کيس کان پڇيو: ”فقير تنهنجي سياڻپ جي هاڪ سڄي تر ۾ مشهور آهي. ڀلا مونکي اهو ته ٻڌاءِ ملڪ ۾ انڌا گهڻا يا سڄا.“ وتائي ٺهه پهه وراڻيو: ”ادا! انڌا گهڻا.“ پڇندڙ چيس: ”فقير اهو وري ڪيئن؟ لڳي ٿو مون وانگر ڪو مولائي آهي. اوسي پاسي نظر ڪر سڀ اکين وارا آهن ڪين انڌا.“

وتائي چيس: ”ادا! تون آهين زوراور. چڱو هاڻ مون سان گڏ هن چوواٽي تي ويهه، پوءِ پاڻ فيصلو ڪجانءِ.“

اٿين وتايو ۽ همراهه گڏجي چوواٽي تي ويٺا. وتايو مڇن مٿ هٿ ڪري ويهي نوڙي وٽڻ لڳو. جيڪو ٿي اتان لنگهيو تنهن ٿي پڇيس: ”فقير ڇا پيو ڪرين!“ وتائي همراهه کي چيو: ”هي به ڳڻ انڌن ۾.“ اٿين ڪيترائي مٿيا مڙني وتائي کان ساڳيءَ طرح پئي پڇيو ته. فقير ڇا پيو ڪرين؟ ۽ وتايو به همراهه کي چوندو ٿي ويو ته ”هي به ڳڻ انڌن ۾.“ نيٺ هڪ سرت سمجهه وارو همراهه آيو جنهن وتائي کان پڇيو: ”فقير ڏي ته خبر. ڇو ڀلا چوواٽي تي ويٺو واڻ وٽين؟“ وتائي همراهه کي چيو: ”ادا! هن کي سڄن ۾ ڳڻ.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ همراهه کان پڇيائين: ”ڪر خبر! ملڪ ۾ انڌا گهڻا يا سڄا.“ همراهه وراڻيو: ”فقير تنهنجي ڳالهه سورنهن آنا سچي.“ وتائي چيس: ”ادا! اهو ٿي ته مون به چيومانءِ ته: ”ملڪ ۾ اکين وارا ڪي آهن، نه ته گهڻائي اکين کان انڌي جي آهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُوڙو آهي. نـہ ئي ورِي پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهنـدڙ بـہ ٿـي سگهن ٿـا. بِـين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪـن آهي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيِـٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مـان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر ٻيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book